# 2 شاهہ جا بيت

شاهہ عبدل لطيف (عيسوي 1689 - عيسوي 1752) سنڌيءَ جو عظيم شاعر ۽ دنيا جي چوند شاعرن شيڪسپيئر، هومراملٽن ۽ ڪاليداس جو مٽُ مڃيو وڃي ٿو. هوُ سنڌ ۽ هند ۾ 'ڀِٽائي' ۽ 'ڀِٽائي گهوٽ' جي نالي سان مشهوُر آهي. شاهہ جي ڪلام جو سمورو خزانو 'شاهہ جو رسالو' ۾ ڏنل آهي.
شاهہ سائين هن بيت ۾ مارئيءَ جي پرينءَ ۽ وطن جي حُب جو ذڪر ڪيو آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.





اَڪر پڙهہ اَلف جو، وَرَق سَڀ وسار،
اندرَ تون اُجار، پَنا پڙهندين ڪيترا.

پريان سَندي پارَ جي، مِڙيئِي مِنائي،
ڪانهي ڪَڙائِي، چَکين جي چيت ڪري.

هوُ چَوَنئي، تون مَ چَؤ واتان وَرائي،
اڳُ اَڳرائي جو ڪري، خطا سوڪائي.

پاند ۾ پائي، ويو ڪينِي وارو ڪين ڪي.

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساه،
بت منهنجو بند ۾ قيد مَ ڪَريجاه،
پرڏيهاڻي پرينءَ ري ڏار مَ ڏَريجاه.
تڏي وسائج تر جي، مِٽي مئيءَ مٿاه،
جي پويون ٿئي پَساه، تہ نِجاه مَڙُه ملير ڏي.

## نوان لفظ

اَلف - ايشور
پارَ - طرف
مَ - نَہ
بُت - شريرُ
مڙه - لاشُ

ورق - صُفحو
ڪَڙائي - ڪوڙاڻ
خطا - سزا
پَساهُ - ساهُ

سندي - جِي
چيت - ڌيان
واجهائي - ياد ڪري
نِجاه - موڪلج

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

(الف) ايشور کي ياد ڪرڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟

(ب) پرينءَ بابت ڇا چيل آهي؟

(پ) خطا نہ ڪائڻ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) ’اَندرُ تون اُجار‘ مطلب سمجهايو.

(ب) وطن بابت شاهہ صاحب ڇا چيو آهي؟

(پ) ملير جي مٽيءَ لاءِ مارئيءَ ڇا چيو آهي؟

**سوال.٣. هيٺ ڏنل سِٽون پوريون ڪريو.**

(ٿ) اکر پڙهہ ............................ ڪيترا.

(ٽ) اَڄ اَڱرائي ........................ ڪين کي.

(ٺ) ٿڌي وسائڄ ................ ملير ڏي.

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر - بند تي عملي ڪاريہ.

اکر پڙهہ الف جو .................. وارو ڪين کي.

١) هيٺين جا هم - آوازي لفظ چوندي لکو.

(الف) هار، مار

(ب) ڪيو، چيو

(٢) هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(الف) ’نہ‘ لاءِ لفظ -

(ب) ’الف‘ لفظ جي معنيٰ

(ڪ) ’حرف‘ معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ

(د) ’شريرُ‘ لاءِ ڪم آيل لفظ

(٣) ساڳئي اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ڳولهيو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : | اکر | اَلف | اَندر |
| (الف) | ورق | | |
| (ب) | پنا | | |
| (ڪ) | ڪيترا | | |
| (د) | م | | |

(٤) ’هوُ ڇَونئي تون مَ ڇَوءُ‘ اِها چوٽي سمجهايو.

(٥) ’عمر مارئي‘ جي آکاٽي اِنٽرنيٽ ذريعي پڙهو ۽ ڪلاس ۾ اَچي پنهنجي لفظن ۾ ٻُڌايو.